# ايلاف

# اسلاميات

## ٽئين ڪلاس لاءِ

## (ٽيچر گائيڊ)

ليکڪ/ سهيڙيندڙ

ابوعبدالله "ظهير"

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي پاڪستان®

ڪراچي، سکر، لاهور

KARACHI 0332 6118855
SUKKUR 0334 8881071
LAHORE 0300 8070436

SCIENCE PUBLICATIONS

mehran_series@yahoo.com



## فهرست


| سبق | نمبر |
|---|---|
| **باب پهريون: قرآن مجيد ۽ حديث نبوي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 04 |
| الف ناظره قرآن مجيد | 04 |
| ب حفظ قرآن مجيد | 06 |
| ج حفظ ۽ ترجمو، درود شريف، سنا ڪلما | 07 |
| د حديث نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 08 |
| هـ دعائون | 09 |
| **باب ٻيو: ايمان ۽ عبادتون** | 10 |
| (الف) ايمان | 10 |
| 1. توحيد جو تعارف | 10 |
| 2. نبوت ۽ رسالت | 13 |
| (ب) عبادتون | 15 |
| 1. ڪلمو شهادت | 15 |
| 2. آذان | 17 |
| 3. وضو | 19 |
| 4. نماز | 21 |
| 5. قبلو ۽ مسجد | 23 |
| **باب ٽيون: سيرت طيبه** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 25 |
| 1. حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن جي مبارڪ زندگي. | 25 |
| 2. حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن جي صداقت، امانت ۽ حسنِ معاملات (اخلاق) | 29 |
| 3. حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جن جي رواداري، صبر ۽ تحمل | 31 |
| **باب چوٿون: اخلاق ۽ آداب** | 33 |
| 1. سچ جي اهميت | 33 |

| | |
|---|---|
| 2. گفتگوءَ جا آداب | 35 |
| **باب پنجون: حسنِ معاملات ۽ معاشرت** | 37 |
| 1. باهمي تعلقات | 37 |
| **باب ڇهون: هدايت جا سرچشما ۽ اسلام جا مشاهير** | 39 |
| 1. حضرت آدم عليه السلام | 39 |
| 2. حضرت نوح عليه السلام | 41 |
| 3. خليفه اول حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه | 43 |
| **باب ستون: اسلامي تعليمات ۽ حاضر وقت جون ضرورتون** | 46 |
| 1. صحت ۽ تندرستي | 46 |




باب پهريون

# قرآن مجيد ۽ حديث نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

## (الف) ناظره قرآن پاڪ

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ڇا ڪو اهڙو ڪتاب آهي، جيڪو دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ويندو آهي؟

جواب: جي ها، قرآن مجيد.

سوال2: قرآن مجيد کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي باري ۾ ٻڌايو؟

جواب: قرآن مجيد کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ سڀ عبادت ۾ شامل آهي ۽ جيڪڏهن چاهيو ته پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو به پڙهي سگهجي ٿو.

سوال3: قرآن مجيد ۾ ڪيترا سيپارا آهن؟

جواب: قرآن مجيد ۾ 30 سيپارا آهن.

سوال4: قرآن مجيد ۾ ڪيتريون سورتون آهن؟

جواب: قرآن مجيد ۾ 114 سورتون آهن.

سوال5: قرآن مجيد ۾ گهڻا رڪوع آهن؟

جواب: قرآن مجيد ۾ 558 رڪوع آهن.

**2. سوچي ڪري ٻڌايو ته توهان قرآن مجيد جي تلاوت جي ادب ۾ ڪهڙين ڳالهين تي عمل ڪندا آهيو. جواب ها يا نه ۾ ڏيو**

1. ڇا توهان قرآن پاڪ ناظره ۾ مڪمل ختم ڪيو آهي؟ **(ها)**
2. ڇا توهان روزانو قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندا آهيو؟ **(ها)**
3. ڇا توهان جڏهن قرآن پاڪ پڙهندا آهيو ته وضو ڪندا آهيو؟ **(ها)**
4. ڇا توهان روزانو مدرسي قرآن پاڪ پڙهڻ ويندا آهيون؟ **(ها)**

3. **هيٺ ڏنل لفظن سان خال ڀريو.**

ڏهه وضو عربي الله عزوجل تبديلي

1. قرآن مجيد **الله عزوجل** جو پيارو ڪلام آهي.
2. قرآن مجيد جي هڪ اکر پڙهڻ سان **ڏهه** نيڪيون ملنديون آهن.
3. جڏهن به قرآن شريف جي تلاوت ڪريو ته پهريون **وضو** ڪريو.
4. قرآن پاڪ ۾ ڪوبه **تبديلي** نه ٿو ڪري سگهي.
5. قرآن پاڪ **عربي** زبان ۾ آهي.



## (ب) حفظ قرآن مجيد

قرآن پاڪ جي باري ۾ معلومات.

قرآن جي لفظي معنيٰ آهي سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ويندڙ ڪتاب.

قرآن مجيد ۾ ڪل ست منزلون آهن.

قرآن مجيد جي پهرين سورت سورة الفاتحہ آهي.

قرآن مجيد آخري سورت سورة الناس آهي.

قرآن مجيد جي سڀ کان وڏي سورت سورة البقره آهي.

قرآن مجيد جي سڀ کان ننڍي سورت سورة الڪوثر آهي.

قرآن مجيد ڪي اسان نماز جي دوران قيام ۾ پڙهندا آهيون.

قرآن مجيد اسان جي پياري آخري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ تي نازل ٿيو.

قرآن مجيد اٽڪل 23 سالن جي عرصي ۾ نازل ٿيو.

## (ج) حفظ ۽ ترجمو درود شريف ۽ سنا ڪلما

مٿانهينءَ تي چڙهڻ وقت پڙهو: اَللّٰهُ اَكْبَرُ

ترجمو: الله سڀ کان وڏو آهي.

پنهنجي گناهن جي معافي گهرڻ جي لاءِ: اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ

ترجمو: مان الله تعاليٰ کان معافي گهران ٿو.

زبان تي هلڪا ۽ اعمال ۾ وزني ڪلما: سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ سُبْحَانَ اللّٰهِ الْعَظِيْمِ

ترجمو: الله پاڪ آهي پنهنجين خوبين سميت الله پاڪ آهي وڏي عظمت وارو.

جڏهن ڪنهن جو شڪريو ادا ڪريو ته هي چئو: جَزَاكَ اللّٰهُ خَيْرًا

ترجمو: الله تعاليٰ توهان کي بهترين جزا فرمائي.



## (د) حديث نبوي ﷺ

پيارا ٻارو! اچو ته توهان کي ٻڌايون ته حديث ڇاکي چئبو آهي.

اسان جي پياري آخري نبي حضرت محمد ﷺ جي فرمان مبارڪ ۽ عمل مبارڪ کي حديث چئبو آهي، اسان ڪجهه حديثون ترجمي سان گڏ ياد ڪري وٺون ٿا.

اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ

ترجمو: بيشڪ عمل جو دارومدار نيتن تي آهي. (بخاري)

خَيْرُكُمْ مَّنْ تَعَلَّمَ الْقُرْآنَ وَعَلَّمَهٗ

ترجمو: توهان مان بهتر اهو آهي، جيڪو پاڻ قرآن مجيد سکي ۽ ٻين کي سيکاري. (بخاري)

اَلدُّعَاءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ

ترجمو: دعا عبادت جو مغز (نچوڙ) آهي. (ترمذي)

كُلُّ مَعْرُوْفٍ صَدَقَةٌ

ترجمو: هر نيڪ ڪم صدقو آهي. (بخاري)

## (ھ) دعائون

اچو ڪجھ دعائون ترجمي سان ياد ڪريون ٿا:

کاڌي کائڻ کان اڳ جي دعا "بِسْمِ اللّٰهِ وَعَلٰى بَرَكَةِ اللّٰهِ"

الله جي نالي سان ۽ الله جي برڪت سان کاڌو شروع ڪريان ٿو.

کاڌي کائڻ کان پوءِ جي دعا "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَطْعَمَنَا وَ سَقَانَا وَ جَعَلَنَا مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ"

سڀئي تعريفون الله جي لاءِ آهن، جنهن اسان کي کارايو، پيئاريو ۽ مسلمان بڻايو.

علم ۾ اضافي جي دعا "رَبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا"

اي الله منهنجي علم ۾ اضافو فرماءِ.

کير پيئڻ جي دعا "اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْهِ وَزِدْنَا مِنْهُ"

اي الله هن ۾ برڪت ڏي ۽ اسان کي هن کان وڌيڪ ڏي.



باب ٻيو

# ايمان ۽ عبادتون

## (الف) ايمان (1) توحيد جو تعارف

### مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: توحيد جو ڇا مطلب آهي؟

جواب: توحيد جو مطلب آهي الله تعاليٰ کي هڪ ڪري مڃڻ.

سوال2: جيڪڏهن ڪوبہ الله تعاليٰ جي ذات سان ۽ ان جي ڪمن ۾ ڪنهن کي شريڪ سمجهي تہ اهو ڇا ٿي ويندو؟

جواب: جيڪڏهن ڪوبہ الله تعاليٰ جي ذات ۽ ان جي ڪمن ۾ ڪنهن کي شريڪ سمجهي تہ اهو ڪافر ٿي ويندو.

سوال3: توهان هن سبق مان ڇا سکيو؟

جواب: هن سبق مان اسان اهو سکيو تہ الله تعاليٰ اسان انسانن جي لاءِ سڄي دنيا بڻائي، سڀني مخلوقن کي پيدا ڪيو. هي سج، چنڊ، ستارا، زمين، آسمان، فرشتا، پکي، جيت جڻا ۽ گهڻو ڪجھ اسان جي لاءِ رب ٺاهيو آهي.

سوال4: ڇا الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي؟

جواب: جي ها، الله تعاليٰ جي ذات سڀ کان عظيم ذات آهي ۽ هر شيءِ تي قدرت رکي ٿي.

سوال5: ڪڏهن توهان سوچيو آهي، تہ هي سج، چنڊ، ستارا، رات ۽ ڏينهن ڪير هلائي ٿو؟

جواب: سج، چنڊ، ستارا، آسمان، ڏينهن ۽ رات پنهنجي پنهنجي مقرره وقت تي ايرن ۽ لهن ٿا، انهن سڀني کي هلائڻ واري هڪ ذات الله تعاليٰ آهي.

سوال6: الله تعاليٰ اسان انسانن جي لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون نعمتون پيدا ڪيون آهن؟

جواب: الله تعاليٰ اسان انسانن جي لاءِ ميوا، پاڇيون، اناج، ٻوٽا، گل، سج، چنڊ، ستارا، زمين ۽ آسمان، جبل ۽ گهڻو ڪجهه اسان جي لاءِ پيدا ڪيو آهي.

2. **هيٺين جوابن مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. توحيد جو مطلب الله تعاليٰ کي ______ مڃڻ آهي.
✓(الف) هڪ ڪري (ب) ڪيترائي (ج) نه

2. جيڪڏهن ڪوئي الله تعاليٰ سان ڪنهن کي شريڪ ڪندو، اهو ______ ٿي ويندو.
(الف) مسلمان ✓ (ب) ڪافر (ج) يهودي

3. الله تعاليٰ انسانن جي لاءِ هر قسم جون ______ پيدا ڪيون آهن.
(الف) شيون (ب) نهريون ✓ (ج) نعمتون

4. الله تعاليٰ جي برابر ______ ناهي.
✓ (الف) ڪوبه (ب) هڪ (ج) تون

5. الله تعاليٰ بي نياز آهي، نه اهو ڪنهن ______ آهي ۽ نه ئي ان جي ڪا اولاد آهي.
✓ (الف) جي اولاد (ب) جو پُٽ (ج) جو مائٽ



3. **ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي، جملا مڪمل ڪريو:**

| | |
|---|---|
| الله تعاليٰ انسانن جي ڪاڏي لاءِ | جي عبادت ڪريون. |
| اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي خالق ۽ مالڪ | هر قسم جا ميوا پيدا ڪيا آهن. |
| الله تعاليٰ جي ذات سڀ کان عظيم ذات | ته الله هڪ آهي ۽ ان جو ڪوبه شريڪ ناهي. |
| اسان کي دل ۾ زبان سان اقرار ڪرڻو آهي | آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. |
| هن سڄي ڪائنات کي | الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي ۽ اهو ئي هلائي رهيو آهي. |

# (2) نبوت ۽ رسالت

مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: نبي ۽ رسول ڪنهن کي چئبو آهي؟

جواب: الله تعاليٰ جي طرفان اهڙا خاص ٻانها، جيڪي انسانن تائين الله تعاليٰ جو پيغام پهچائن، انهن کي نبي ۽ رسول چئبو آهي.

سوال2: ڪيترن نبين ۽ رسولن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ آيو آهي؟

جواب: قرآن پاڪ ۾ 26 نبين ۽ رسولن جو ذڪر آيو آهي.

سوال3: ڇا اسان جي پياري نبي صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم کانپوءِ ڪوئي نبي ايندو؟

جواب: جي نہ، هاڻي قيامت تائين ٻيو ڪوئي نبي نہ ايندو.

سوال4: ڇا اسان جا پيارا نبي صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم رسول بہ آهن؟

جواب: جي ها، اسان جي آخري نبي صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم جن مٿان قرآن پاڪ جهڙو عظيم ڪتاب نازل ٿيو، تنهنڪري پاڻ صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم نبي بہ آهن ۽ رسول بہ آهن.

سوال5: اسان پنهنجي پياري نبي صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم سان ڪيتري محبت ڪريون ٿا؟

جواب: اسان پنهنجي پياري نبي ڪريم صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم سان هر شيءِ کان وڌيڪ محبت ڪريون ٿا.

2. **هيٺين جوابن مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. جنهن انسان کي الله تعاليٰ مخلوق جي هدايت جي لاءِ موڪليو آهي، ان کي ________ چئبو آهي.

✓ (الف) نبي (ب) قاري (ج) حافظ

2. سيني نبين سڳورن عليهم السلام جو دنيا ۾ اچڻ جو مقصد الله تعاليٰ جي _____ کي انسانن تائين پهچائڻ آهي.

(الف) معلومات (ب) ڪم ✓ (ج) حڪمن



3. الله تعاليٰ، سيني نبين سڳورن عليهم السلام جي ذريعي ________ ڏيندو هو.

(الف) ڪم (ب) هدايتون ✓ (ج) حڪم

4. الله تعاليٰ، سيني نبين سڳورن عليهم السلام کي مختلف ______ بہ عطا ڪيا.

✓ (الف) معجزا (ب) ڪم (ج) تجربا

5. نبوت جو سلسلو هلندي هلندي اسان جي پياري آقا حضرت ________ صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم تي ختم ٿيو.

✓ (الف) محمد مصطفيٰ (ب) موسيٰ (ج) ابراهيم

3. **ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو:**

| | |
|---|---|
| هن دنيا ۾ سڀ کان پهريان حضرت آدم عليہ السلام ۽ | اچڻ تي ايمان رکون ٿا. |
| اسان سيني نبين سڳورن عليهم السلام جي دنيا ۾ | سڀ کان آخر ۾ حضرت محمد صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم آيا. |
| الله تعاليٰ سيني نبين سڳورن کي | تي عمل ڪرڻ ۽ سچي دل سان مڃڻ فرض آهي. |
| پاڻ صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم جي سيني ڳالهين | مختلف معجزا بہ عطا ڪيا. |
| اسان کي پياري آخري نبي صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم سان | دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ محبت ڪرڻ گهرجي. |

# حصو (ب) عبادتون

## (1) ڪلمو شهادت

### مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ارڪانِ اسلام ڇا آهن؟ انهن جو تعلق ڇا سان آهي ۽ ڪيترا آهن؟

جواب: اسلام جا رُڪن پنج آهن ۽ انهن جو تعلق جسم سان آهي:
(1) ڪلمو طيب (2) نماز (3) روزو (4) زڪوٰت (5) حج.

سوال2: ڪلمي طيب ۽ ڪلمو شهادت جي ترجمي مان اسان ڇا سکيو؟

جواب: ڪلمي طيب ۽ ڪلمي شهادت مان اسان اهو سکيو ته الله تعاليٰ کي هڪ مڃڻ، الله تعاليٰ کي پنهنجو رب مڃڻ، الله تعاليٰ جو ڪوئي شريڪ نه سمجهڻ ۽ اهو ته حضرت محمد ﷺ سڄي ڪائنات جي لاءِ الله جي طرفان رسول آهن.

سوال3: ايمان ڇا آهي ۽ ان جو تعلق ڇا سان آهي؟

جواب: ايمان جو تعلق دل سان آهي: (1) دل سان الله تي ايمان آڻڻ (2) الله تعاليٰ جي ملائڪن تي ايمان آڻڻ (3) الله تعاليٰ جي سڀني نبين ۽ رسولن تي ايمان آڻڻ (4) الله تعاليٰ جي سڀني ڪتابن تي ايمان آڻڻ (5) آخرت تي ايمان آڻڻ.

سوال4: جيڪڏهن ڪوئي ماڻهو ارڪانِ اسلام ۽ ايمان مان ڪنهن ڳالهه کي نه مڃي ته ڇا ٿيندو؟

جواب: جيڪڏهن ڪوئي شخص ارڪانِ اسلام ۽ ايمان مان ڪا به ڳالهه نٿو مڃي ۽ انهن سڀني ڳالهين تي ايمان نٿو آڻي ته اهو ڪامل مسلمان نٿو ٿي سگهي.



سوال5: جيڪڏهن ڪوئي شخص حضور ﷺ کي آخري نبي نه مڃي ۽ عقيدو رکي ته هاڻي به ڪوئي نبي ايندو ته ان جو ڇا ٿيندو؟

جواب: نبي ڪريم ﷺ آخري نبي آهي، هاڻي قيامت تائين ڪوئي نبي نه ايندو، جيڪڏهن ڪوئي شخص اهو نه مڃي ته اهو مرتد، ڪافر آهي.

2. **هيٺين جوابن مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. اسلام جي رڪنن جو تعداد آهي:
✓ (الف) پنج (ب) ڏهه (ج) ٽي

2. اسلام جي عقيدن جو تعداد آهي:
(الف) ڏهه (ب) ٽي ✓ (ج) پنج

3. جيڪو ماڻهو وضو ڪري ______ دفعا ڪلمو شهادت پڙهي، ته جنت جا اٺ ئي دروازا کوليا ويندا آهن:
(الف) ٽي (ب) ٻه ✓ (ج) هڪ

4. ٻئي ڪلمي جو نالو آهي:
(الف) ڪلمو طيب ✓ (ب) ڪلمو شهادت (ج) ڪلمو تمجيد

3. **صحيح جملي جي اڳيان (✓) ۽ غلط جي اڳيان (✗) جو نشان لڳايو:**

(1) اسلام جا رڪنَ دين جا ٿنڀا آهن ۽ اهي ڏهن رڪنن تي مشتمل آهن. (x)

(2) پهرئين ڪلمي کي ڪلمو شهادت چئبو آهي. (x)

(3) اسلام جي عقيدن جو تعلق دل سان آهي ۽ انهن جو تعداد پنج آهي. (✓)

(4) جيڪڏهن ڪو ماڻهو اسلام جي رڪنن مان ڪنهن رڪن کي نه مڃي ته ان جو ايمان مڪمل ناهي. (✓)

(5) جيڪڏهن ڪوئي غيرمسلم ڪلمو پڙهي ته مسلمان ٿي ويندو. (x)

# (2) آذان

### مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: آذان ڇو ڏنو ويندو آهي؟
جواب: آذان نماز ادا ڪرڻ لاءِ ڏنو ويندو آهي.
سوال2: ڏينهن ۾ گهڻا دفعا آذان ڏنو ويندو آهي؟
جواب: ڏينهن ۾ پنج دفعا آذان ڏنو ويندو آهي.
سوال3: اسلام ۾ سڀ کان پهريان آذان ڪنهن ڏنو؟
جواب: اسلام ۾ سڀ کان پهريان آذان حضرت بلال رضي الله عنه ڏنو.
سوال4: ڇا آذان جو جواب به ڏيڻ گهرجي؟
جواب: جي ها، آذان جو جواب ڏيڻ سان تمام گهڻيون نيڪيون ملن ٿيون.
سوال5: آذان ٻڌي ۽ جواب ڏئي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
جواب: آذان ٻڌي، ان جو جواب ڏئي اسان کي يڪدم نماز جي تياري ڪرڻ گهرجي.

2. **هيٺين جوابن مان صحيح جواب چونڊيو:**

(1) نماز ادا ڪرڻ لاءِ ______ ڏنو ويندو آهي.
✓ (الف) آذان (ب) دعوت (ج) ڪلام

(2) روزانو پنجن نمازن ۽ جمعي جي خطبي لاءِ ______ ڏنو ويندو آهي.
✓ (الف) آذان (ب) دعوت (ج) آواز

(3) ڏينهن ۽ رات ۾ ______ آذانون ڏنيون وينديون آهن.
✓ (الف) پنج (ب) چار (ج) ڇهه

(4) فجر جي آذان ۾ ۽ باقي چئن آذانن ۾ ______ جملي جو فرق آهي.
(الف) ٽي (ب) ٻه ✓ (ج) هڪ



(5) گفتگوءَ ۽ ڪم ڪار کي ڇڏي آذان جو ______ ڏيڻ گهرجي.
(الف) آواز ✓ (ب) جواب (ج) سوال

3. **ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو:**

| | |
|---|---|
| نماز ادا ڪرڻ کان پهريان هر نماز | ان کي مؤذن چئبو آهي. |
| جيڪو ماڻهو آذان ڏئي ٿو | جو آذان ڏنو ويندو آهي. |
| آذان ۾ ماڻهن کي | ان جي وقت تي ڏنو ويندو آهي. |
| هر نماز جو آذان | نماز جي لاءِ سڏيو ويندو آهي. |
| گفتگو ۽ ڪم ڪار کي ______ | ڇڏي آذان جو جواب ڏيڻ گهرجي. |

# (3) وضو

مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: پاڪ ۽ صاف رهڻ جي لاءِ اسلام اسان کي ڪهڙو تحفو عطا فرمايو آهي؟

جواب: پاڪ ۽ صاف رهڻ جي لاءِ اسلام اسان کي وضوءَ جو تحفو عطا فرمايو آهي.

سوال2: ڇا اسان وضوءَ کان سواءِ نماز پڙهي سگهون ٿا؟

جواب: جي نہ، نماز پڙهڻ لاءِ وضو ڪرڻ فرض آهي.

سوال3: وضوءَ ۾ گهڻا فرض آهن؟

جواب: وضوءَ جا چار فرض آهن: (1) ٻئي هٿ ٻانهن سميت ڌوئڻ (2) مُنهن ڌوئڻ (3) مٿي جو مسح ڪرڻ (4) ٻئي پير پيڏين سميت ڌوئڻ

سوال4: جيڪڏهن اسين هر وقت باوضو رهڻ جي ڪوشش ڪريون تہ ڪهڙو فائدو ٿيندو؟

جواب: هر وقت باوضو رهڻ وارو الله جي نيڪ ٻانهن ۾ شمار ٿيندو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن ان جو منهن، هٿ ۽ پير روشن هوندا.

سوال5: وضو شروع ڪرڻ کان اڳ ۽ بعد ڇا پڙهڻ گهرجي؟

جواب: وضو شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ بسم الله ۽ وضو ختم ڪرڻ کانپوءِ هڪ دفعو ڪلمو شهادت پڙهڻ گهرجي.

2. **هيٺين لفظن جي مدد سان خال ڀريو:**

مُنهن مسح هٿن ٻيو شهادت پيڏين

(1) ٻنهي <u>هٿن</u> کي نونين سميت ڌوئڻ فرض آهي.

(2) <u>مُنهن</u> هڪ ڪن جي پاپڙيءَ کان وٺي ٻئي ڪن جي پاپڙيءَ تائين، نرڙ کان وٺي ڪاڏيءَ تائين ڌوئڻ فرض آهي.



(3) مٿي جو <u>مسح</u> ڪرڻ فرض آهي.

(4) ٻئي پير <u>پيڏين</u> سميت ڌوئڻ فرض آهي.

(5) وضو ڪرڻ کان پوءِ <u>ٻيو</u> ڪلمو <u>شهادت</u> پڙهڻ گهرجي.

3. **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ "ها" "نہ" ۾ جواب ڏيو:**

1. ڇا توهان وضو ڪري ڏيکاري سگهو ٿا؟ (ها)
2. جيڪڏهن ڪنهن کي وضو نہ ايندو هجي، تہ ڇا توهان کيس سيکاري سگهو ٿا؟ (ها)
3. ڇا وضوءَ ۾ چار فرض آهن؟ (ها)
4. ڇا وضو ڪرڻ سان گناهہ پڻ ڌوپجي وڃن ٿا؟ (ها)
5. توهان کي وضوءَ کان پهريان ۽ پوءِ جيڪو پڙهڻو آهي، اهو ياد آهي؟ (ها)

4. **هيٺ وضوءَ جا مرحلا لکيل آهن، انهن جي ترتيب درست ڪري ٻيهر لکو:**

(1) ٻنهي پيرن کي ڌوئڻ

(2) ڳُرڙي ڪرڻ

(3) مُنهن ڌوئڻ

(4) نڪ ۾ پاڻي وجهڻ

(5) مٿي جو مسح ڪرڻ

(6) بسم الله پڙهڻ

(7) ڪلمو شهادت پڙهڻ

(8) ٻنهي هٿن کي ڌوئڻ

(1) بسم الله پڙهڻ

(2) ٻنهي هٿن کي ڌوئڻ

(3) ڳرڙي ڪرڻ

(4) نڪ ۾ پاڻي وجهڻ

(5) منهن ڌوئڻ

(6) مٿي جو مسح ڪرڻ

(7) ٻنهي پيرن کي ڌوئڻ

(8) ڪلمو شهادت پڙهڻ

# (4) نماز

## مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: نماز، دينِ اسلام جو ڪهڙو نمبر رڪن آهي ۽ اها اسان کي ڪيئن ملي؟

جواب: نماز، دينِ اسلام جو ٻيون رڪن آهي ۽ اها معراج جي رات اسان جي پياري نبي ﷺ کي تحفي ۾ ڏني وئي.

سوال2: هر مسلمان مرد ۽ عورت تي روزانو گهٽيون نمازون فرض آهن؟ نالا لکو.

جواب: هر مسلمان مرد ۽ عورت تي روزانو پنج نمازون فرض آهن: صبح، ٻپهري، ٽپهري، سانجهي، سومهڻي.

سوال3: نمازي، نماز ۾ ڪنهن سان ملاقات ڪندو آهي؟

جواب: نمازي، نماز ۾ پنهنجي رب سان ملاقات ڪندو آهي.

سوال4: جڏهن ٻارن جي عمر ڏهه سال ٿي وڃي ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: جڏهن ٻارن جي عمر ڏهه سال ٿي وڃي ته ڪين نماز جي تاڪيد ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي مڪمل نماز اچڻ گهرجي.

سوال5: جيڪڏهن اسان نماز نه پڙهنداسين ته ڇا ٿيندو؟

جواب: جيڪڏهن اسان نماز نه پڙهنداسين ته الله تعاليٰ ناراض ٿي ويندو ۽ اسان کي جنت کان پري ڪيو ويندو.

2. **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب ”ها“ يا ”نه“ ۾ ڏيو:**

1. هر نماز پنهنجي پنهنجي وقت تي پڙهڻي آهي. (ها)
2. نماز شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ وضو ڪرڻ گهرجي. (ها)
3. نمازيءَ جو جسم پاڪ ۽ صاف هجڻ گهرجي. (ها)
4. جنهن جاءِ تي نماز پڙهجي، اها جاءِ پاڪ هجڻ گهرجي. (ها)
5. نمازيءَ جو رُخ قبلي طرف هجڻ گهرجي. (ها)



6. نماز پڙهڻ واري جي نيت يعني دل ۾ ارادو هجي ته مان نماز پڙهي رهيو/ رهي آهيان. (ها)
7. نماز شروع ڪرڻ کان پهريان الله اڪبر يعني تڪبير تحريمه پڙهي نماز ۾ داخل ٿيڻ گهرجي. (ها)

3. **مناسب لفظن سان خالي جايون ڀريو:**

نماز چاٻي نار معراج ٿنڀ

1. نماز مومن جو **معراج** آهي.
2. نماز دين جو **ٿنڀ** آهي.
3. نماز جنت جي **چاٻي** آهي.
4. نماز اسان جي پياري آقا ﷺ جي اکين جو **ٺار** آهي.
5. مسلمان ۽ ڪافر جي وچ ۾ فرق ڪندڙ شيءِ **نماز** آهي.

# (5) قبلوءِ مسجد

مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: الله تعاليٰ، سڄي دنيا جي مسلمانن کي ڪهڙي طرف مُنهن ڪري نماز پڙهڻ جو حڪم ڏنو آهي؟

جواب: الله تعاليٰ، سڄي دنيا جي مسلمانن کي نماز پڙهڻ جي لاءِ قبلي يعني ڪعبة الله جي طرف مُنهن ڪري نماز پڙهڻ جو حڪم ڏنو آهي.

سوال2: ڪعبة الله ڪٿي واقع آهي؟

جواب: ڪعبة الله سعودي عرب جي شهر مڪي شريف ۾ واقع آهي.

سوال3: مسجد ڇاکي چئبو آهي؟

جواب: مسجد الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ جي جاءِ کي چئبو آهي. دنيا جي سڀني مسجدن جو رُخ قبلي جي طرف آهي.

سوال4: اسان مسجد ۾ روزانو گهڻا دفعا وڃون ٿا؟

جواب: اسان مسجد ۾ روزانو پنج دفعا نماز پڙهڻ وڃون ٿا.

سوال5: اسان کي مسجدن کي ڪهڙي طرح آباد ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي روزانو پنج وقت نماز پڙهي، مسجد کي پاڪ ۽ صاف رکي آباد ڪرڻ گهرجي.

2. **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ ”ها“ يا ”نه“ ۾ جواب ڏيو:**

1. دنيا جي سڀني مسجدن جو رُخ قبلي يعني ڪعبة الله طرف آهي. (ها)
2. مسجد ۾ هڪ باجماعت نماز جو ثواب 27 نمازن جي برابر ڏنو ويندو آهي. (ها)



3. مسجد صرف ۽ صرف الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ جي لاءِ آباد ڪئي وئي آهي. (ها)
4. اسان مسجد ۾ پنج وقت جي نماز پڙهڻ ويندا آهيون. (ها)
5. اسان کي مسجد جي صفائيءَ ۾ حصو وٺڻ گهرجي. (ها)
6. اسان کي مسجد جي امام ۽ مؤذن جي خدمت ڪرڻ گهرجي. (ها)

3. **هيٺ ڏنل مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

ڪعبة الله طواف قبلو گوڙ آذان

1. زمين تي الله تعاليٰ جو پهريون گهر **ڪعبة الله** آهي.
2. ڪعبة الله جي چوڌاري مسلمان **طواف** ڪندا آهن.
3. مسجد ۾ پنج وقت **آذان** ڏنو ويندو آهي.
4. مسجد ۾ دنياوي ڳالهيون ۽ **گوڙ** نه ڪرڻ گهرجي.
5. مسلمان جنهن طرف مُنهن ڪري نماز پڙهندا آهن، ان کي **قبلو** چئبو آهي.

4. **ٻنهي حصن کي ملائي جملا مڪمل ڪريو:**

| | |
|---|---|
| ڪعبة الله جي اڏاوت | ڪعبة الله ۾ ايندا آهن. |
| ماڻهو حج ڪرڻ جي لاءِ | مختلف نبين سڳورن عليهم السلام ڪئي آهي. |
| مسجد پاڪ، صاف | هڪ لک ڪيو ويندو آهي. |
| ڪعبة الله ۾ هڪ نيڪيءَ جو ثواب وڌائي | ۽ عبادت ڪرڻ جي تمام بابرڪت جاءِ آهي. |
| مسجد ۾ روزانو پنج وقت | آذان ۽ نماز ادا ڪئي ويندي آهي. |

باب ٽيون

# سيرت طيبه ﷺ

## (1) حضرت محمد ﷺ جن جي مبارڪ زندگي

### مشق

1. سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.

**سوال1:** حضور ﷺ جي پيدائش کان اڳ عرب جون حالتون ڪهڙيون هيون؟

**جواب:** حضور ﷺ جي پيدائش کان اڳ عرب جون حالتون تمام خراب هيون. ماڻهو پنهنجي هٿن سان بت ٺاهيندا هئا ۽ انهن جي عبادت ڪندا هئا. آسمان، زمين، جبل، سج، چنڊ، ستارن، وڻن وغيره کي به پنهنجو خدا مڃيندا هئا. پنهنجين ڌيئرن کي زنده دفن ڪندا هئا ۽ قسمين قسمين گناهن ۾ ٻڏل هوندا هئا.

**سوال2:** حضور ﷺ جي ولادت بابت ٻڌايو؟

**جواب:** حضور ﷺ 12 ربيع الاول بروز سومر تي مڪي ۾ پيدا ٿيا. پاڻ ﷺ قريش جي خاندان بنو هاشم ۾ پيدا ٿيا. پاڻ ﷺ جي پيدائش مهل ڪيترائي معجزا ظاهر ٿيا.

**سوال3:** پاڻ سڳورن ﷺ جي ٻالڪپڻ جي حالتن بابت ڪجهه ٻڌايو؟

**جواب:** پاڻ سڳورن ﷺ جي پيدائش کان اڳ ۾ پاڻ ﷺ جي والد جي وفات ٿي وئي. ڇهن سالن جي عمر ۾ والده وفات ڪري وئي ۽ اٺن سالن جي عمر ۾ ڏاڏو گذاري ويو. حضرت بيبي حليمه سعديه، پاڻ ﷺ جي ڇئن سالن تائين خدمت ڪئي.

**سوال4:** حضور ﷺ پنهنجي چاچي ابوطالب سان ملڪ شام جو سفر ڪيو، ان جي باري ۾ ٻڌايو؟



**جواب:** حضور ﷺ جي عمر ٻارهن سال ٿي ته سندن چاچو ابوطالب ڪين پاڻ سان گڏ ملڪ شام جي سفر تي وٺي ويو. پاڻ ﷺ جو چاچو ساڻس تمام گهڻو پيار ڪندو هو. رستي ۾ هڪ راهب، پاڻ ﷺ ۾ نبوت جون نشانيون ڏسي ڪين شام نه وڃڻ جي صلاح ڏني.

**سوال5:** حضور اڪرم ﷺ جي حضرت خديجته الڪبريٰ رضي الله عنها سان نڪاح جي باري ۾ ٻڌايو؟

**جواب:** حضرت خديجته الڪبريٰ رضي الله عنها مڪي جي هڪ واپاري بيواهه عورت هئي. هن پاڻ ﷺ جي سچائي ۽ ايمانداريءَ جون ڳالهيون ٻڌيون ته پاڻ ﷺ کي پنهنجي واپار جو سامان ڏنو.واپسيءَ تي سندس غلام، حضور ﷺ جي ايمانداري ۽ سچائيءَ جا مختلف واقعا ٻڌايا ته حضرت خديجه رضي الله عنها متاثر ٿي ڪري، پاڻ سڳورن ﷺ کي نڪاح جو پيغام موڪليو. جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي چاچي حضرت ابو طالب سان صلاح ڪري قبول ڪيو.

**سوال6:** حجراسود ڇاکي چئجي ٿو ۽ ان جو ڪهڙو واقعو آهي؟

**جواب:** حجر پٿر کي ۽ اسود ڪاري کي چئجي ٿو. اهو جنتي پٿر آهي، جيڪو ڪعبة الله جي ديوار ۾ نصب ٿيل آهي. حضور ﷺ جي عمر 35 سال ٿي ته ڪعبة الله جي ٻيهر اڏاوت جي ضرورت محسوس ٿي. مڪي جي سيني قبيلن ۽ خاندانن گڏجي ڪعبة الله جي تعمير ڪئي. جڏهن حجر اسود لڳائڻ جو وارو آيو، ته هر قبيلي جي خواهش هئي ته حجراسود کي لڳائي، ايستائين جو جهيڙو ٿي پيو. حضور ﷺ سيني قبيلن جي سردارن کي چئني ڪنڊن کان چادر کي پڪڙڻ لاءِ فرمايو، جنهن تي حجر اسود رکيو ويو هو. جڏهن اها چادر ڪعبة الله جي ديوار جي پرسان ڪٽي

ويا تہ حضور ﷺ پاڻ حجراسود کڻي ڪعبة الله ۾ نصب فرمايو. ان عمل سان حجراسود بہ لڳي ويو ۽ سيني سردارن جي وچ وارو جهيڙو بہ ختم ٿي ويو.

سوال7: غارِ حرا جي باري ۾ توهان ڇا ٿا ڄاڻيو؟

جواب: غارِ حرا مڪي جي ويجهو هڪ جبل جي مٿان واقع آهي. حضور ﷺ گهڻو ڪري انهيءَ غار ۾ ڪيترن ئي ڏينهن تائين قيام فرمائيندا هئا ۽ الله تعاليٰ جي عبادت ڪندا هئا، انهيءَ غار ۾ پاڻ ﷺ جن جي مٿان پهرين وحي نازل ٿي.

2. **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ "ها" يا "نہ" ۾ جواب ڏيو:**

1. حضور اڪرم ﷺ مڪ مڪرمہ جي مشهور قريش خاندان بنوهاشم ۾ پيدا ٿيا. (ها)
2. جڏهن پاڻ ﷺ جي عمر 20 سال ٿي تہ پاڻ ﷺ پنهنجي چاچي حضرت ابوطالب سان گڏ شام ملڪ جي لاءِ روانا ٿيا. (نہ)
3. جڏهن پاڻ ﷺ جي عمر 60 ٿي تہ پاڻ ﷺ حضرت خديجہ رضي الله عنها سان نڪاح ڪيو. (نہ)
4. حجراسود ڪعبة الله جي ديوار جي هڪ ڪنڊ ۾ لڳل آهي. (ها)
5. غارِ حرا مديني جي هڪ جبل جي مٿان واقع آهي. (نہ)

3. **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

والده ٻارهن والد پنجويهہ اٺ

1. حضور اڪرم ﷺ جي پيدائش کان اڳ ۾ پاڻ ﷺ جي **والد** جي وفات ٿي وئي.
2. حضور اڪرم ﷺ جي عمر مبارڪ صرف ڇهہ سال هئي تہ پاڻ ﷺ جي **والده** جي وفات ٿي وئي.



3. حضور اڪرم ﷺ جي عمر مبارڪ جڏهن **اٺ** سال ٿي تہ پاڻ ﷺ جو ڏاڏو بہ گذاري ويو.
4. جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جي عمر **ٻارهن** سال ٿي تہ پاڻ ﷺ پنهنجي چاچي سان گڏ شام ملڪ جي سفر جي لاءِ روانا ٿيا.
5. جڏهن پاڻ ﷺ جي عمر **پنجويهہ** سال ٿي تہ حضرت خديجتہ الڪبريٰ رضي الله عنها نڪاح جو پيغام موڪليو.

4. **اسان جي پياري نبي حضرت محمد ﷺ جي ويجهن رشتيدارن جا نالا لکو:**

1. اسان جي پياري نبي حضرت محمد ﷺ جي والد جو نالو **حضرت عبدالله**.
2. اسان جي پياري نبي حضرت محمد ﷺ جي والده جو نالو **حضرت بيبي آمنہ**.
3. اسان جي پياري نبي حضرت محمد ﷺ جي ڏاڏي جو نالو **عبدالمطلب**.
4. اسان جي پياري نبي حضرت محمد ﷺ جي دائيءَ جو نالو **بيبي حليمہ سعديہ رضي الله عنها**.
5. اسان جي پياري نبي حضرت محمد ﷺ جو پنجويهن سالن جي عمر ۾ جنهن سان نڪاح ٿيو، ان جو نالو **حضرت بيبي خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها**.

# (2) حضور محمد ﷺ جن جي صداقت، امانت ۽ حُسن معاملات (اخلاق)

مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: صداقت جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: صداقت جو مطلب آهي سچائي. اسلام اسان کي سچ ڳالهائڻ ۽ ايمانداريءَ سان زندگي گذارڻ جو سبق ڏئي ٿو.

سوال2: امانتداريءَ جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: امانتداريءَ مان مراد آهي جيڪا شيءِ توهان وٽ رکي وڃي، ان جي حفاظت ڪئي وڃي ۽ جڏهن واپس ڪجي ته انهيءَ حالت ۾ واپس مالڪ کي ڏني وڃي ۽ ان ۾ ڪابه خيانت نه ڪجي.

سوال3: حُسن اخلاق جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: حُسن اخلاق جو مطلب آهي. ڪنهن سان به ڳالهائجي ته اطمينان ۽ پيار سان ڳالهائجي.

سوال4: حُسن معاملات جي باري ۾ توهان ڇا ٿا ڄاڻيو؟

جواب: حُسن معاملات جو مطلب آهي ته جڏهن ڪنهن سان ڪو معاملو ڪجي، ڪنهن سان ڪو واپار ڪجي ته ايمانداريءَ سان ڪيو وڃي. ڪو واعدو ڪجي ته پورو ڪجي مطلب ته ڪهڙو به معاملو هجي ته صاف سٿرو هجي.

سوال5: حضور ﷺ دوکو ڏيڻ واري لاءِ ڇا فرمايو آهي؟

جواب: حضور ﷺ دوکو ڏيندڙ لاءِ فرمايو آهي "جيڪو شخص دوکو ڏئي، اهو اسان مان نه آهي."

2. **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ "ها" يا "نه" ۾ جواب ڏيو.**

1. ڇا اسان هي سبق پڙهڻ کانپوءِ ارادو ڪريون ٿا ته زندگيءَ ۾ سدائين سچ ڳالهائينداسين؟ (ها)



2. ڇا اسان هي سبق پڙهڻ کانپوءِ ارادو ڪريون ٿا ته اسان ڪنهن کي دوکو نه ڏينداسين؟ (ها)
3. ڇا اسان هي سبق پڙهڻ کانپوءِ ارادو ڪريون ٿا ته ڪنهن جي امانت ۾ خيانت نه ڪنداسين؟ (ها)
4. ڇا اسان هي سبق پڙهڻ کانپوءِ ارادو ڪريون ٿا ته اسان پنهنجي وڏن جو ادب ڪنداسين؟ (ها)
5. ڇا اسان هي سبق پڙهڻ کانپوءِ ارادو ڪريون ٿا ته اسان ڪنهن کي گار نه ڏينداسين؟ (ها)
6. ڇا اسان هي سبق پڙهڻ کانپوءِ ارادو ڪريون ٿا ته اسان ڪنهن کي تڪليف نه ڏينداسين؟ (ها)
7. ڇا اسان هي سبق پڙهڻ کانپوءِ ارادو ڪريون ٿا ته اسان پنهنجي پاڙيسرين جو خيال رکنداسين؟ (ها)
8. ڇا اسان هي سبق پڙهڻ کانپوءِ ارادو ڪريون ٿا ته اسان پنهنجي دوستن سان محبت ڪنداسين؟ (ها)
9. ڇا اسان هي سبق پڙهڻ کانپوءِ ارادو ڪريون ٿا ته اسان پنهنجي رشتيدارن سان سهڻو سلوڪ ڪنداسين؟ (ها)
10. حديث آهي، ته مسلمان اهو آهي، جنهن کان ڪنهن ٻئي مسلمان کي تڪليف نه پهچي، ته ڇا توهان ڪنهن ٻئي کي تڪليف ڏيندؤ؟ (نه)

3. **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

امانتون صادق تڪليف دوکو معاف

1. مڪي جا ڪافر، حضور ﷺ کي **صادق** ۽ امين جي لقب سان سڏيندا هئا.
2. مڪي جا ماڻهو پاڻ ﷺ وٽ پنهنجون **امانتون** رکندا هئا.
3. حضور ﷺ فرمايو، جيڪو شخص **دوکو** ڏئي، اهو اسان مان نه آهي.
4. مسلمان اهو آهي، جنهن مان ٻئي مسلمان کي **تڪليف** نه پهچي.
5. جيڪڏهن ڪنهن کان ڪائي تڪليف پهچي ته **معاف** ڪريو.

# حضرت محمد ﷺ جن جي رواداري، صبر ۽ تحمل

مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: رواداريءَ جو ڇا مطلب آهي؟

جواب: دوستن سان اهڙو ورتاءُ ڪيو وڃي، جنهن سان ڪو به اهو محسوس نه ڪري ته توهان ان جا مخالف آهيو.

سوال2: رواداريءَ متعلق حضور ﷺ جي تعليمات بيان ڪريو.

جواب: حضور اڪرم ﷺ سڄي زندگي رواداريءَ مان ڪم ورتو، ڪنهن جي دل نه ڏکايائون، هميشه سامهونءَ واري انسان کي عزت ڏني، مانُ ڏنو، ڀلي اهو ڇو نه مخالف هجي، ڇو نه دشمن هجي.

سوال3: صبر ۽ تحمل جو مفهوم بيان ڪريو ۽ پاڻ ﷺ جي سيرت بيان ڪريو؟

جواب: صبر جي معنيٰ آهي ڪنهن نامناسب سخت ڳالهه کي برداشت ڪرڻ ۽ سامهون واري ماڻهوءَ سان پوءِ به نرميءَ سان پيش اچڻ. تحمل جو مطلب آهي، صبر ڪندي جواب ۾ نرميءَ سان ڳالهائڻ ۽ ڪاوڙ نه ڪرڻ، صبر ۽ تحمل آهي.
حضور ﷺ سڄي زندگي مڪي جي ڪافرن جي تڪليفن کي برداشت ڪيو ۽ هميشه صبر ڪيو ۽ الله تعاليٰ صبر جو اجر اهو ڏنو جو سڄو عرب الحمدالله بعد ۾ مسلمان ٿي ويو ۽ سڄي دنيا ۾ اسلام پکڙيو.

سوال4: حضور ﷺ جڏهن مڪو فتح ڪيو ته مڪي جي ڪافرن سان ڇا ڪيو؟

جواب: حضور ﷺ جڏهن مڪو فتح ڪيو، ته اعلان ڪيو ته جنهن به ابوسفيان جي گهر ۾ پناهه ورتي، ان کي معاف ڪيو ويندو.

سوال5: هن سبق مان اسان ڇا سکيو ته اسان صبر ۽ تحمل ۽ رواداريءَ تي ڪيئن عمل ڪريون؟



جواب: جي ها! هن سبق مان اسان اهو سکيو ته جيڪڏهن اسان جي پاڻ ۾ ڪنهن جي ڪا غلطي به هجي ته ان کي معاف ڪيون، پاڻ ۾ محبت جو جذبو پيدا ڪريون، هر مشڪل وقت ۾ صبر کان ڪم وٺون، ته اسان کي صبر جو اجر به ملندو ۽ معاشري ۾ سٺو ماحول ٿيندو.

2. **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ ”ها“ يا ”نه“ ۾ جواب ڏيو.**

1. جيڪڏهن ڪنهن کان ڪا غلطي ٿئي، ته ان کي معاف ڪندؤ؟ (ها)
2. جيڪڏهن ڪوئي توهان کي تڪليف ڏي ته توهان ان کان بدلو وٺندؤ؟ (نه)
3. جيڪڏهن ڪوئي دشمن به توهان وٽ اچي ته توهان ان سان محبت سان پيش ايندؤ؟ (ها)
4. ڇا پاڻ ﷺ مڪي جي فتح جي ڏهاڙي اعلان ڪيو ته جيڪو ابوسفيان جي گهر پناهه وٺندو، ان کي معاف ڪيو ويندو؟ (ها)
5. ڇا پاڻ ﷺ جو ۽ سندن گهرياتين جو مڪي جي ڪافرن بائيڪاٽ ڪيو هو؟ (ها)

3. **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

خراب دعا برداشت عزت نمونو

1. حضور اڪرم ﷺ جي زندگي اسان جي لاءِ **نمونو** آهي.
2. ڪوئي به توهان وٽ اچي ته ان کي **عزت** ڏيڻ گهرجي.
3. حضور اڪرم ﷺ کي مڪي جي ڪافرن تمام گهڻي تڪليف ڏني، پر پاڻ ﷺ هميشه **برداشت** ڪيو.
4. طائف جي شهر وارن حضور ﷺ کي ايتري تڪليف ڏني ته پاڻ ﷺ جا نعلين مبارڪ رت سان ڀرجي ويا، پوءِ به پاڻ ﷺ انهن کي **دعا** ڏني.
5. جيڪڏهن اسان انسانن جي غلطين کي معاف نه ڪنداسين ته معاشرو **خراب** ٿي ويندو.

باب چوٿون

# اخلاق ۽ آداب

## سچ جي اهميت

مشق

**1. سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: سچ جي معنيٰ ٻڌايو؟

جواب: سچائي، سچ ڳالهائڻ کي چئجي ٿو. سچائيءَ جو مطلب آهي ته انسان هميشه سچ ڳالهائي، ڪهڙي به حالت ۾ هجي، ڪوڙ نه ڳالهائي. جيڪا ڳالهه ٻڌي يا جيڪو ڪجهه ڏسي يا ڪنهن سان ڪائي ڳالهه ڪئي هجي، اها ساڳيءَ طرح بنا ڪنهن تبديليءَ جي بيان ڪري.

سوال2: حضور اڪرم صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم کي مڪي جا ڪافر ڇا چوندا هئا؟

جواب: حضور اڪرم صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم کي مڪي جا ڪافر جيڪي پاڻ صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم جا سخت دشمن هئا اهي به پاڻ صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم کي صادق (يعني سچ ڳالهائيندڙ) چوندا هئا.

سوال3: هڪ ماڻهوءَ مان سيئي برايون ڪيئن ختم ٿيون؟

جواب: حضور صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم ، ان ماڻهوءَ کي ڪوڙ نه ڳالهائڻ لاءِ فرمايو ۽ ان شخص ڪوڙ نه ڳالهائڻ جو واعدو ڪيو. پيهر اهو شخص؛ حضور صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ چيائين ته صرف هڪ ڪوڙ جي عادت ڇڏڻ سان سيئي برايون ختم ٿي ويون.

سوال4: انسان جڏهن هڪ ڪوڙ ڳالهائيندو آهي ته پوءِ ڇا ٿيندو آهي؟

جواب: انسان جڏهن هڪ ڪوڙ ڳالهائيندو آهي ته ان هڪ ڪوڙ کي لڪائڻ جي لاءِ ڪيس ٻيا به ڪيترائي ڪوڙ ڳالهائڻا پوندا آهن.



سوال5: جيڪڏهن اسان جي معاشري مان ڪوڙ ختم ٿي وڃي ته معاشري ۾ ڪهڙي بهتري اچي سگهي ٿي؟

جواب: جيڪڏهن اسان جي معاشري مان ڪوڙ ختم ٿي وڃي ته معاشري مان سڀ برايون ختم ٿي سگهن ٿيون.

**2. غور سان پڙهو، سمجهو ۽ ”ها“ يا ”نه“ ۾ جواب ڏيو:**

1. ڇا اسان پنهنجي گهروارن، دوستن ۽ رشتيدارن سان سچ ڳالهائيندا آهيون؟ (ها)
2. ڇا اسان ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائي شرمندگي محسوس ڪئي آهي؟ (ها)
3. ڇا هميشه ڪوڙ ڳالهائيندڙ شخص جنت ۾ وڃي سگهي ٿو؟ (نه)
4. ڇا هميشه سچ ڳالهائيندڙ جهنم ۾ وڃي سگهي ٿو؟ (نه)
5. ڇا ڪوڙ ڳالهائڻ واري ماڻهوءَ سان دنيا محبت ڪري ٿي؟ (نه)
6. ڇا سچ ڳالهائڻ واري سان دنيا نفرت ڪري ٿي؟ (نه)

**3. سچ جي باري ۾ پنجن سٽن جو پنهنجن لفظن ۾ مضمون لکو:**

سچ ڳالهائڻ هڪ سٺي عادت آهي. اسان کي هميشه سچ ڳالهائڻ گهرجي. سچ ڳالهائيندڙ کي هر هنڌ عزت ۽ مانُ ملندو آهي جڏهن ته ڪوڙي ماڻهوءَ کان هر هڪ نفرت ڪندو آهي. اسان جي نبي ڪريم صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم جن به اسان کي سچ ڳالهائڻ جي تاڪيد ڪئي آهي.

# (2) گفتگوءَ جا آداب

مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: الله تعاليٰ اسان کي جيڪا زبان جي نعمت ڏني آهي، ان جي باري ۾ توهان ڇا ٿا چئو؟

جواب: الله تعاليٰ اسان کي جيڪا زبان جي نعمت ڏني آهي اهاالله تعاليٰ جو وڏو انعام آهي. اها انسان کان سواءِ ٻئي ڪنهن وٽ نعمت نه آهي.

سوال2: اسان هن زبان جي نعمت کي ڪيئن استعمال ڪريون؟

جواب: هن زبان جي نعمت کي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪري ۽ ان زبان سان بنا ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ جي ۽ پنهنجي ڳالهه سان ڪنهن جي دل ڏکائڻ بنا؛ زندگي گذاريندا سين ته ڪامياب ٿي ويندا سين.

سوال3: هڪ چپ سو سک مان ڇا مراد آهي؟

جواب: هڪ چپ سو سک مان مراد آهي ته فضول ڳالهائڻ کان پرهيز ڪريون پنهنجي زبان کي جيڪڏهن اسان قابو ڪري ورتو ته سڄي زندگي سڪون ۾ رهنداسين.

سوال4: ڪنهن وٽ ملاقات جي لاءِ وڃڻ جا ڪهڙا آداب آهن؟

جواب: جڏهن اسان ڪنهن وٽ وڃون ته سلام ڪرڻ گهرجي، ڪائي فضول ڳالهه نه ڪرڻ گهرجي، پنهنجو رويو ۽ لهجو مناسب هئڻ گهرجي ته جيئن ڪوئي تنگ نه ٿئي.

سوال5: سڄي جسم ۾ اها ڪهڙي شيءِ آهي، جيڪڏهن اها قابوءَ ۾ رهي ته سڄو جسم تڪليف کان بچي سگهي ٿو؟

جواب: جيڪڏهن اسان پنهنجي زبان جي حفاظت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ته ان سان سڄو جسم تڪليف کان بچي ويندو ۽



جيڪڏهن زبان قابوءَ ۾ نه رهي ته ان جي ڪري سڄي جسم کي تڪليف ٿي سگهي ٿي.

2. **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ "ها" يا "نه" ۾ جواب ڏيو:**

1. ڇا هاڻي اسان پنهنجي زبان سان ڪنهن کي تڪليف ڏينداسين؟ (نه)
2. ڇا اسان پنهنجن وڏن سان ۽ پنهنجن استادن سان ادب سان ڳالهائينداسين؟ (ها)
3. ڇا اسان ڪا اهڙي ڳالهه ڪنداسين، جنهن سان ڪنهن جي دل ڏکوئجي؟ (نه)
4. ڇا اسان ڳالهائڻ کان پهريان سوچي سمجهي ڳالهائينداسين؟ (ها)
5. ڇا اڄ کان پوءِ اسان "هڪ چپ سو سک" تي عمل ڪنداسين؟ (ها)

باب پنجون

# حُسن معاملات ۽ معاشرت

## (1) باهمي تعلقات

مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: باهمي تعلقات مان ڇا مراد آهي؟

جواب: باهمي تعلقات مان مراد پاڻ ۾ هڪٻئي سان تعلقات آهن، جيئن والدين، ڀيڻ ڀائر، رشتيدار، پاڙيسري، دوست وغيره انهن جي پاڻ ۾ تعلقات کي باهمي تعلقات چئجي ٿو.

سوال2: حقوق العباد مان ڇا مراد آهي؟

جواب: اسلام ۾ پاڻ ۾ هڪٻئي سان تعلقات کي حقوق العباد چئجي ٿو يعني والدين، استاد صاحبان، ڀيڻ ڀائر، رشتيدار، پاڙيسرين جا حق، انهن سڀني کي حقوق العباد چئجي ٿو.

سوال3: اسلام ۾ سڀ کان پهريون حق ڪنهن جو آهي؟

جواب: اسلام ۾ سڀ کان پهريون حق پنهنجي ماءُ پيءُ جو آهي ڇاڪاڻ ته اسان جي والدين اسان جي پالنا ڪئي، پڙهايو لکايو، سٺو انسان بڻايو، ته سڀ کان پهريان انهن جو حق ادا ڪرڻو آهي.

سوال4: اسلام اسان کي رشتيدارن جا حق ڪهڙي نموني ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو؟

جواب: اسلام اسان کي ٻُڌائي ٿو ته خاندان ۾ پري ۽ ويجهو جا جيڪي به رشتيدار هجن، انهن سان تعلقات کي مسلسل قائم ڪرڻ، انهن جي خوشي ۽ غميءَ ۾ شامل ٿيڻ، انهن جي ضرورتن جو خيال رکڻو آهي.

سوال5: پاڙيسرين جي حقن جي باري ۾ ٻُڌايو؟



جواب: اسلام پاڙيسرين جي حقن جي باري ۾ تمام گهڻي تاڪيد ڪري ٿو. اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي پاڙيسرين جو گهڻو خيال رکون. ڏک سک ۾ سندن ساٿ ڏيون. جيڪڏهن گهر ۾ ڪجهه سٺو پچائجي ته ٿورو گهڻو ضرور انهن جي گهر موڪلجي ۽ ڪوئي اهڙو ڪم نه ڪجي جنهن سان کين تڪليف ٿئي.

2. **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ ”ها“ يا ”نه“ ۾ جواب ڏيو:**

1. ڇا الله تعاليٰ انسان کي محبت ڪرڻ وارو پيدا ڪيو آهي؟ (ها)
2. ڇا اسان کي سڀ کان پهريان پنهنجي والدين جا حق ادا ڪرڻ گهرجن؟ (ها)
3. ڇا اسان پنهنجي والدين جي هر ڳالهه مڃون ٿا؟ (ها)
4. ڇا اسان پنهنجن ڀيڻ ڀائرن سان وڙهون ٿا؟ (نه)
5. ڇا اسان پنهنجن رشتيدارن سان تعلق رکندا آهيون؟ (ها)
6. ڇا اسان پنهنجن پاڙيسرين سان تعلق رکندا آهيون؟ (ها)
7. ڇا اسان پنهنجن دوستن سان دوستي ڪنهن لالچ سبب رکون ٿا؟ (نه)

3. **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

والدين   والدين جي حقن   انس   خدمت   محبت

1. الله تعاليٰ انسان کي **محبت** ڪرڻ وارو پيدا ڪيو آهي.
2. لفظ انسان جو مطلب آهي **انس** يعني محبت.
3. استاد جا حق به **والدين جي حقن** وانگر هوندا آهن.
4. اسلام ۾ سڀ کان پهريون حق **والدين** جو آهي.
5. والدين جيڪڏهن پوڙها ٿي وڃن ته انهن جي گهڻي **خدمت** ڪرڻ گهرجي.

باب ڇهون

# هدايت جا سرچشما ۽ اسلام جا مشاهير

## (1) حضرت آدم عليہ السلام

مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: هن دنيا ۾ سڀ کان پهريان ڪهڙا نبي آيا؟

جواب: هن دنيا ۾ سڀ کان پهريان حضرت آدم عليہ السلام آيا.

سوال2: حضرت آدم عليہ السلام کي ڪهڙي شيءِ مان ناهيو ويو؟

جواب: حضرت آدم عليہ السلام کي مٽيءَ مان ناهيو ويو.

سوال3: حضرت آدم عليہ السلام کي ڪهڙو علم عطا ڪيو ويو؟

جواب: حضرت آدم عليہ السلام کي سڀني شين جي نالن جو علم عطا ڪيو ويو.

سوال4: حضرت آدم عليہ السلام کان پوءِ ڪنهن کي پيدا ڪيو ويو؟

جواب: حضرت آدم عليہ السلام کان پوءِ حضرت حوا عليہ السلام کي سندس زال بنائي پيدا ڪيو ويو.

سوال5: سڀني فرشتن کي ڪهڙو حڪم ڏنو ويو؟

جواب: سڀني فرشتن کي حڪم ڏنو ويو تہ حضرت آدم عليہ السلام کي سجدو ڪن.

سوال6: حضرت آدم عليہ السلام کي سجدو ڪنهن نہ ڪيو؟

جواب: حضرت آدم عليہ السلام کي شيطان (ابليس) سجدو نہ ڪيو، جيڪو هڪ جن آهي.

سوال7: حضرت آدم عليہ السلام کي دنيا ۾ ڇا بنائي موڪليو ويو؟

جواب: حضرت آدم عليہ السلام کي دنيا ۾ پنهنجو خليفو بنائي موڪليو ويو.

سوال8: حضرت آدم عليہ السلام کي دنيا ۾ ڇو موڪليو ويو؟



جواب: حضرت آدم عليہ السلام کي دنيا ۾ عبادت جي لاءِ موڪليو ويو.

سوال9: حضرت آدم عليہ السلام ڪهڙي جاءِ تعمير ڪئي؟

جواب: حضرت آدم عليہ السلام ڪعبة الله جي تعمير ڪئي ۽ ان جو طواف ڪيو.

سوال10: اڄ سڄي دنيا جا مسلمان ڪهڙي طرف مُنهن ڪري نماز پڙهندا آهن؟

جواب: اڄ سڄي دنيا جا مسلمان ڪعبة الله جي طرف مُنهن ڪري نماز پڙهندا آهن.

2. **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ "ها" يا "نہ" ۾ جواب ڏيو:**

1. الله تعاليٰ، حضرت آدم عليہ السلام کي سڀ کان آخر ۾ پيدا فرمايو. (نہ)
2. حضرت آدم عليہ السلام سڀني انسانن جو پيءُ آهي. (ها)
3. حضرت آدم عليہ السلام کان پوءِ حضرت حوا عليہ السلام کي سندس زال بڻائي پيدا ڪيو ويو. (ها)
4. حضرت آدم عليہ السلام کي سڀني فرشتن سجدو ڪيو. (ها)
5. علم آدم عليہ السلام کي سڀني جهانن جو علم عطا ڪيو ويو. (نہ)
6. اڄ سڀئي انسان حضرت آدم عليہ السلام جو اولاد آهن.(ها)
7. سڀ کان پهريان ڪعبة الله جي تعمير حضرت آدم عليہ السلام ڪئي. (ها)

# (2) حضرت نوح عليہ السلام

مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: حضرت نوح عليہ السلام ، ماڻهن کي ڪهڙي ڳالهه جو حڪم ڏنو؟

جواب: حضرت نوح عليہ السلام ، ماڻهن کي هڪ الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

سوال2: حضرت نوح عليہ السلام گهڻا سال ماڻهن کي نيڪيءَ جي دعوت ڏني؟

جواب: حضرت نوح عليہ السلام 950 سالن ماڻهن کي نيڪيءَ جي دعوت ڏني.

سوال3: حضرت نوح عليہ السلام جي قوم جي نافرمانيءَ سبب الله تعاليٰ انهن سان ڇا ڪيو؟

جواب: حضرت نوح عليہ السلام جي قوم کي ان جي نافرمانيءَ سبب مينهن جي پاڻيءَ ۾ غرق ڪيو ويو.

سوال4: حضرت نوح عليہ السلام جي ٻيڙي ڪهڙي جاءِ تي بيٺي؟

جواب: حضرت نوح عليہ السلام جي ٻيڙي هڪ جودي جبل تي بيٺي، جيڪو هن وقت ترڪي ملڪ ۾ آهي.

سوال5: حضرت نوح عليہ السلام جي سبق مان اسان ڇا سکيو؟

جواب: حضرت نوح عليہ السلام جي سبق پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ اسان کي هر حال ۾ پنهنجي رب جي عبادت ڪرڻ گهرجي ۽ الله تعاليٰ جا خاص ٻانها نبي سڳورا عليهم السلام جيڪي الله تعاليٰ طرفان هدايت ڏين، ان تي عمل ڪرڻ گهرجي، ان ۾ ئي ڪاميابي آهي.



2. **صحيح جملي جي اڳيان (✓) ۽ غلط جي اڳيان (✗) جو نشان لڳايو:**

1. الله تعاليٰ جي نافرماني ڪرڻ سان الله ناراض ٿئي ٿو، جنهن سان انسان جي آخرت خراب ٿئي ٿي. (✓)
2. الله تعاليٰ جي نبيءَ جي نافرماني، الله جي ڪاوڙ جو سبب ٿي سگهي ٿي. (✓)
3. حضرت نوح عليہ السلام 850 سالن تائين نيڪيءَ جي دعوت ڏني. (✗)
4. حضرت نوح عليہ السلام جي ٻيڙي ۾ جيڪو سوار ٿيو، اهو مري ويو. (✗)
5. حضرت نوح عليہ السلام کي آدم ثاني بہ چئجي ٿو. (✓)

3. **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

الله    ٻيڙي    950    الله    پوڄا

1. هڪ اهڙو وقت آيو، جو ماڻهو بتن جي <u>پوڄا</u> ڪرڻ لڳا.
2. حضرت نوح عليہ السلام ماڻهن کي هڪ <u>**الله**</u> جي عبادت ڪرڻ جو حڪم ڏنو.
3. حضرت نوح عليہ السلام <u>**950**</u> سالن تائين ماڻهن کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيندورهيو.
4. حضرت نوح عليہ السلام <u>**الله**</u> کان مدد گهري.
5. حضرت نوح عليہ السلام کي الله تعاليٰ هڪ وڏي <u>**ٻيڙي**</u> ناهڻ جي جو حڪم ڏنو.

# (3) خليفه اول حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه

## مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ڪير هئا؟

جواب: حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ، حضور صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم جا پيارا دوست هئا ۽ مردن ۾ سڀ کان پهريان اسلام آڻڻ وارا انسان هئا، ڪپڙي جا واپاري هئا، مڪي جا رهائشي هئا، اسلام جي شروعات کان وٺي، پنهنجي زندگيءَ جي آخري ساهه تائين دين اسلام جي خدمت ڪيائون.

سوال2: حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي والد، والده جو نالو ۽ پاڻ رضي الله عنه جي ڪنيتُ ۽ لقب ٻڌايو؟

جواب: حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي والد جو نالو عثمان، والده جو نالو سلميٰ، ڪنيت ابوبڪر ۽ سندس لقب صديق هو.

سوال3: حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي حضور اڪرم صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم سان ڪيتري محبت هئي؟

جواب: حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي حضور اڪرم صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم سان بيحد محبت هئي. اسلام کان پهريائين سندن دوستي هئي. اسلام آڻڻ کانپوءِ ته هر وقت حضور صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم جن جي خدمت ۾ رهندا هئا. ڀلي سفر هجي يا جنگ هجي، اهڙو ڪوبه وقت نه هو، جڏهن پاڻ رضي الله عنه ، حضور اڪرم صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم سان گڏ نه هجن.

سوال4: حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي صديق لقب ڪيئن مليو؟

جواب: حضور اڪرم صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم جڏهن مڪي جي ماڻهن کي معراج جي سفر بابت ٻُڌايو ته سڀ کان پهريان حضرت ابوبڪر



صديق رضي الله عنه ان سفر جي تصديق ڪئي، ته حضور صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم ڪيس صديق جي لقب سان نوازيو.

سوال5: حضرت ابوبڪر رضي الله عنه مسلمانن جا پهريان خليفا بڻيا ته پاڻ رضي الله عنه ڪهڙا ڪم ڪيائون؟

جواب: حضور صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم جن پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کي مسلمانن کي نماز پڙهائڻ جي لاءِ امام مقرر ڪري ڇڏيو هو. جڏهن حضور صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم دنيا مان پردو فرمايو ته مسلمانن مشورو ڪري کيس خليفو مقرر ڪيو. پاڻ رضي الله عنه ٻه سال ڇهه مهينا خلافت هلائي ۽ اسلام کي عرب ملڪن ۾ ڦهلايو، هڪ نظام مقرر ڪيو، قرآن مجيد کي هڪ جاءِ تي ڪتابي صورت ۾ جمع ڪيو ۽ زڪوٰت جو نظام مرتب ڪيو.

2. **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

معراج پهريان عبدالله اسلام ٻه سال 63

1. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو نالو **عبدالله** هو.
2. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي **معراج** جي واقعي جي تصديق ڪرڻ تي صديق جو لقب عطا ٿيو.
3. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه مردن ۾ سڀ کان پهريان **اسلام** قبول ڪيو.
4. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه اسلام جا **پهريان** خليفا مقرر ٿيا.
5. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه **ٻه سال** ڇهن مهينن تائين خلافت ڪئي.
6. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي عمر 63 سال هئي.

3. **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ ”ها“ يا ”نہ“ ۾ جواب ڏيو:**

1. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ اسلام آڻڻ کان پهريان بہ حضور اڪرم ﷺ جا دوست هئا. (ها)
2. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ مردن ۾ سڀ کان پهريان اسلام آندو. (ها)
3. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ معراج جي سفر کي سڀ کان پهريان تسليم ڪيو. (ها)
4. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ اسلام جي راهہ ۾ سڀ کان گهٽ مال خرچ ڪيو. (نہ)
5. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ مديني جي هجرت ۾ حضور اڪرم ﷺ سان گڏ سفر ڪيو. (ها)
6. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ پنهنجي پياري نياڻي حضرت اسماء رضي الله عنہ حضور اڪرم ﷺ جي نڪاح ۾ ڏني. (نہ)
7. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ کي حضور ﷺ پنهنجي جاءِ تي امام مقرر ڪيو. (ها)
8. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ، حضور ﷺ سان گڏ سيني جنگين ۾ حصو ورتو. (ها)
9. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ کي صديق جي لقب سان گڏ يارِ غار ۽ يارِ مزار جو خطاب بہ مليو. (ها)
10. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ کي وصال کانپوءِ بہ حضور اڪرم ﷺ جي پرسان جڳهہ ملي. (ها)



باب ستون

# اسلامي تعليمات ۽ حاضر وقت جون ضرورتون

## (1) صحت ۽ تندرستي

مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:.**

سوال1: اسان جي پياري آخري نبي ﷺ جو صفائيءَ بابت فرمان ٻڌايو؟

جواب: اسان جي پياري آخري نبي ﷺ فرمايو: صفائي اڌ ايمان آهي، ان جو مطلب آهي تہ جيڪو شخص اسلام ۾ داخل ٿيو، ايمان آندائين ۽ پاڪ ۽ صاف رهيو تہ ان جو ايمان مڪمل ٿي ويو.

سوال2: صحتمند انسان جي لاءِ ڇا ضروري آهي؟

جواب: صحتمند رهڻ جي لاءِ انسان کي صاف سٿرو رهڻ ضروري آهي. وقت تي سمهڻ، وقت تي اٿڻ، وقت تي کائڻ ضروري آهي.

سوال3: اسلام اسان کي وقت ۽ صحت جي حوالي سان ڇا ٿو سيکاري؟

جواب: اسلام اسان کي پنج وقت نماز پڙهڻ جي باري ۾ حڪم ڏئي ٿو. نماز مقرره وقت مطابق ٿيندي آهي. ان ريت اسان وقت جا پابند ٿيندا آهيون. نماز جي لاءِ ضروي آهي تہ انسان پاڪ ۽ صاف هجي تہ نماز ٿيندي. اهڙي طرح اسان مسلمان هر وقت صاف سٿرا رهنداسين، جڏهن صاف سٿرا رهنداسين تہ صحتمند بہ رهنداسين.

سوال4: جيڪڏهن اسان نماز نہ پڙهنداسين تہ ڪهڙو نقصان ٿيندو؟

جواب: جيڪڏهن اسان نماز نه پڙهنداسين ته گناهگار ٿينداسين. ٻيو ته اسان پنج وقت نماز پڙهنداسين ته وقت تي ڪم ڪرڻ جي عادت هوندي. نماز جي لاءِ وضو ڪنداسين ته صاف سٿرا رهنداسين ۽ صحت به سٺي رهندي.

سوال5: اسان کي پنهنجي صحت کي برقرار رکڻ جي لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي پنهنجي صحت کي برقرار رکڻ جي لاءِ جسماني رانديون ۽ ورزش ڪرڻ گهرجي. اڄڪلهه موبائل گيم ۽ ڪارٽون وغيره جو استعمال صحت جي لاءِ تمام خطرناڪ آهي، ان سان اکين کي به گهڻو نقصان ٿئي ٿو ۽ ذهن به خراب ٿئي ٿو.

2. **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ "ها" يا "نه" ۾ جواب ڏيو:**

1. ڇا اسان صفائي سٿرائيءَ جي حوالي سان اسلامي تعليمات تي عمل ڪنداسين؟ (ها)
2. ڇا روزانو صبح جو ساجهر اٿي غسل ڪنداسين؟ (ها)
3. ڇا اسان پنج ئي نمازون وقت تي پڙهنداسين؟ (ها)
4. ڇا اسان پنهنجا ڪپڙا، ڊريس، جوتا، جوراب، رومال وغيره صاف رکنداسين؟ (ها)
5. ڇا اسان پنهنجي وارن کي ڦٽي ڏينداسين؟ (ها)
6. ڇا اسان وقت تي کاڌو کائينداسين ۽ گهر جو پڪل کائينداسين؟ (ها)
7. ڇا اسان وقت تي سمهنداسين؟ (ها)



8. ڇا اسان روزانو پنهنجا ڏند صاف ڪنداسين؟ (ها)
9. ڇا اسان پنهنجن ننهن کي وڌڻ نه ڏينداسين؟ (ها)
10. ڇا اسان پهنجي ڪلاس روم کي به صاف رکنداسين؟ (ها)

3. **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

پاڪ صاف   زندگي   وضو   صحت   غسل

1. اسلام هڪ مڪمل دين آهي جيڪو **زندگي** جي هر پهلو ۾ رهنمائي ڪري ٿو.
2. اسلام اسان کي هميشه **پاڪ صاف** رهڻ جو حڪم ڏئي ٿو.
3. اسلام اسان کي روزانو پنج وقت نماز جي لاءِ **وضو** ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو.
4. اسلام اسان کي روزانو **غسل** ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو.
5. نماز پڙهڻ سان انسان جي **صحت** سٺي رهي ٿي.